# عمـــــل بابـــــت

علـم ۽ عمـل کي ڄاڻـڻ ۽ کـرڻ جي وچ ۾ تعلـق جي باري ۾


# ON PRACTICE

On the Relation between Knowledge and Practice, Between Knowing and Doing

(جولاءِ 1937)

## ڪامـريـڊ مائوزي تنگ

مترجم ۽ ڪمپوزر: طارق شبيـريـٽـي



عـظيـم ڪميونسـٽ انقلابـي اڳـواڻ، سياسـي ۽ جنگـي حڪـمـت عمليـن جو ماهـر ۽ نظريـدان، فلاسافـر ۽ تاريـخ سـاز شخصيت ڪامريـڊ مائـوزيتنـگ هي مقالـو تقريـر جي صورت ۾ پيش ڪيو.

ڪنهن زماني ۾ اسان جي پارٽي ۾ ڪجهه اهڙا ڪامريڊ هئا جيڪي عقيدت پرست هئا. اهي ماٺوگهٽي عرصي تائين چيني انقلاب جي تجربي کي رد ڪندا رهيا. اهي ان حقيقت کان انڪار ڪندا هئا ته ”مارڪسزم ڪو عقيدو نه پر عمل جي لاءِ مشعل هدايت آهي“. اهي مارڪسي تصنيفن مان ڪجهه الفاظ ۽ جملا الڳ ڪندا هئا ۽ عوام کي ڊيڄاريندا هئا. ڪجهه ڪامريڊ اهڙا به هئا جيڪي تجربيت پسند (Empiricists) هئا. انهن ماٺهن گهٽي عرصي تائين پاڻ کي پنهنجي جزوي تجربي تائين محدود رکيو. اهي نه ته انقلابي عمل جي لاءِ نظريي جي اهميت کي سمجهن پيا ۽ نه ئي انقلاب کي مجموعي حيثيت سان ڏسي پئي سگهيا. بلڪي انڌا دهنڌ ڪم ڪندا هئا. جيتوڻيڪ اهي ان ۾ محنت ڪندا هئا. انهن ٻه قسمن جي ڪامريڊن، بالخصوص عقيده پرستن (Dogmatists) جي غلط خيالن جي آڌار تي 1931-34ع ۾ چيني انقلاب کي شديد نقصان پهتو ۽ عقيدت پرستن مارڪسين جو ويس پائي گهڻن ڪامريڊن کي منجهاري ۾ وجهي ڇڏيو. هيٺ ڏنل مضمون عمل جي باري ۾ ڪامريڊ مائوزي تنگ ان غرض لاءِ لکيو ته مارڪسي نظرئي علم جي نقطي نظر کان پارٽي ۾ عقيدا پرستي ۽ تجربيت، خاص طور تي تي عقيده پرستي جي موضوعيت پسنداڻي غلطين جو پردو فاش ڪيو وڃي. هن مضمون جو عنوان عمل بابت ان ڪري رکيو ويو هو جو هن ۾ عقيدت پرستي جهڙي موضوعيت جيڪا عمل جي گهٽتائي ڪندي آهي کي بي نقاب ڪرڻ تي زور ڏنو ويو هو. هن مقالي ۾ پيش ڪيل نظرين کي ينان جي جاپان دشمن فوجي ۽ سياسي ڪاليج ۾ هڪ تقرير جي صورت ۾ بيان ڪيو.

مارڪس کان پهريان ماديت (Materialism) علم واري مسئلي جو جائزو وٺندي هئي ته ان ۾ انسان جي سماجي فطرت ۽ ان جي تاريخي ارتقا کان الڳ ڪري ڇڏيندي هئي ۽ انهيءَ سبب جي ڪري هو سماجي عمل (يعني پيداوار ۽ طبقاتي جدوجهد) تي علم جي انحصار کي سمجهڻ کان قاصر هئي.

پهرين ڳالهه اها ته مارڪسين وٽ انسان جي پيداواري سرگرمي انتهائي بنيادي عملي سرگرمي آهي، جيڪا هن جي ٻين سيني سرگرمين جو تعين (Determinant) ڪندي آهي. انسان جي علم جو دارومدار گهڻو ڪري مادي پيداوار ۾ هن جي سرگرمي تي هوندو آهي، جنهن جي ذريعي هو بتدريج فطرت جي لقائن، خاصيتن ۽ قانونن ۽ انسان ۽ فطرت جي تعلق کي سمجهي ٿو ۽ پنهنجي پيداواري سرگرمين جي ذريعي هو آهستي آهستي ڪجهه رشتن کي ڪنهن نه ڪنهن حد تائين سمجهڻ شروع ڪري ٿو جيڪي ماڻهو جا ماڻهو جي وچ ۾ قائم آهن. ڪو به علم پيداواري سرگرمي کان الڳ ڪري حاصل نٿو ڪري سگهجي.

هڪ غير طبقاتي سماج ۾ هر فرد سماج جي رڪن جي حيثيت ۾ ٻين رڪنن سان گڏيل ڪوشش ۾ شريڪ هوندو آهي، انهن سان گڏ پوري پيداواري رشتن ۾ منسلڪ هوندو آهي ۽ انسان جون مادي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ پيداواري سرگرمين ۾ مصروف هوندو آهي. سيني طبقاتي سماجن ۾ مختلف طبقن جا سماجي رڪن به مختلف طريقن سان معروف (Definite) پيداواري رشتن ۾ منسلڪ

هوندا آهن ۽ پنهنجون مادي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ پيداواري سرگرمين ۾ مصروف هوندا آهن. اهو ئي بنيادي ذريعو آهي جنهن مان انساني علم جي نشونما ٿيندي آهي.

انسان جو سماجي عمل پيداواري سرگرمي تائين محدود ناهي بلڪ ان جون ٻيون به صورتون آهن - طبقاتي جدوجهد، سياسي زندگي، سائنسي ۽ فنڪاري سرگرميون (Scientific and Artistic pursuits)، مختصر اهو ته انسان سماجي مخلوق جي حيثيت ۾ سماج جي عملي زندگي جي سڀني شعبن ۾ حصو وٺي ٿو. اهڙيءَ طرح نه فقط پنهنجي مادي زندگي جي ذريعي پر سياسي ۽ ثقافتي زندگي (ٻئي مادي زندگي سان گهريون وابسته آهن) جي ذريعي به ڪنهن نه ڪنهن حد تائين انسان ۽ انسان جي وچ ۾ مختلف رشتن کان واقفيت حاصل ڪري ٿو. سماجي عمل جي انهن ٻين قسمن ۾ خاص طور تي طبقاتي جدوجهد پنهنجي سڀني مختلف شڪلن ۾ انسان جي علم جي ارتقا تي گهرا اثر ڇڏي ٿي. طبقاتي سماج ۾ هر ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن طبقي جي رڪن جي حيثيت سان زندگي گذاري ٿو ۽ هر قسم جي فڪر تي بنا اعتراض جي ڪنهن نه ڪنهن طبقي جي مهر لڳل هوندي آهي.

مارڪسين جي ويچهو انساني سماج ۾ پيداواري سرگرمي هيٺين سطح کان مٿين سطح جي طرف درجي بدرجي ترقي ڪري ٿي ۽ نتيجتن انساني علم به، توڙي اهو فطرت يا سماج جي متعلق هجي، هيٺين سطح کان مٿين سطح جي طرف درجي بدرجي ترقي ڪري ٿو، يعني گهٽ گهرائي کا وڌيڪ گهرائي طرف ۽ هڪ طرف کان گهڻن طرفن ڏانهن.

تاريخ ۾ گهڻي عرصي تائين ماڻهو سماج جي تاريخ جي هڪ طرفي علم تائين محدود رهيو. ان جو پهريون سبب ته ڦورو طبقن جو تعصب هميشه سماج جي تاريخ کي مسخ ڪندو رهيو آهي ۽ ٻيو سبب اهو هو ته ٿوري پيماني جي پيداوار انسان جي سمجهه جي دائري کي محدود رکيو. جڏهن جديد پورهيت وسيع پيداواري قوتن (Large scale of production) سان گڏ اڀري آيو، تڏهن وڃي انسان ان قابل ٿيو ته سماج جي ارتقا جو جامع ۽ تاريخي علم حاصل ڪري ۽ ان علم کي هڪ سائنس يعني مارڪسزم جي سائنس ۾ تبديل ڪري ڇڏي.

مارڪسين جو نقطہ نظر اهو آهي ته صرف انسان جو سماجي عمل ئي هن جي خارجي دنيا (ذهن، سوچ، خيال کان آزاد دنيا) جي متعلق علم جي سچائي کي پرکڻ جو پيمانو آهي. حقيقت ۾ انساني علم جي تصديق صرف ان وقت ٿيندي آهي جڏهن هو سماجي عمل(مادي پيداوار، طبقاتي جدوجهد يا سائنسي تجربي) جي دوران متوقع نتيجا حاصل ڪري ٿو.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ ڪامياب ٿيڻ چاهي ٿو يعني اميد مطابق نتيجا حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ته هن کي پنهنجن خيالن ۽ معروضي خارجي دنيا جي قانونن ۾ لازمي طور مطابقت پيدا ڪرڻي پوندي، جيڪڏهن انهن ٻنهي ۾ مطابقت نه هوندي ته هو پنهنجي عمل ۾ ناڪام رهندو. ناڪام ٿيڻ کان پوءِ هو پنهنجي ناڪامي مان سبق حاصل ڪري پنهنجي خيالن جي اصلاح ڪري ٿو ته جيئن هو خارجي دنيا جي قانونن سان هم آهنگ ٿي سگهي، اهڙيءَ طرح هو ناڪامي کي ڪاميابي ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو. "ناڪامي ڪاميابي جي ماءُ آهي" ۽ "ٺوڪر کائي ڪري عقل ايندي آهي" جو مطلب اهو آهي.

جدلياتيماديت جي علم جو نظريو عمل کي اولين حيثيت ڏيئي ٿو. ان جي ويچهو انساني علم کي ڪنهن به طرح عمل سان جدا نٿو ڪري سگهجي ۽ هو (نظريه علم) تمام نظرين کي رد ڪري ٿو جيڪي عمل جي اهميت کان انڪار ڪن ٿا يا علم کي عمل کان الڳ ڪن ٿا. لينن چيو آهي ته " عمل علم (خيالي) کان وڌيڪ آهي ڇو ته ان ۾ نه صرف همگيريت جي عظمت آهي بلڪ ترت حقيقت به آهي".[i]

مارڪسي فلسفي–جدلياتي ماديت جون ٻه نمايان خاصيتون آهن: پهرين ان جي طبقاتي فطرت (Class nature) آهي، هي سر عام اعلان ڪندي آهي ته جدلياتي ماديت پورهيتن (پرولتاريه) جي خدمت لاءِ

آهي، پر ان جي عمليت آهي، هي ان ڳالهه تي زور ڏيئي ٿي ته نظريي جو انحصار ۽ بنياد عمل تي قائم هوندو آهي ۽ پوءِ نظريو عمل جي خدمت ڪري ٿو.

ڪنهن علم يا نظريي جي صداقت جو تعين موضوعي احساسن سان نه ٿيندو آهي بلڪ سماجي عمل جي ذريعي حاصل ٿيندڙ معروضي نتيجن سان ٿيندو آهي. صرف سماجي عمل ئي سچائي جو پيمانو ٿئي ٿو، عمل جي نقطه نظر کي جدلياتيماديت جي نظريه علم ۾ اولين ۽ بنيادي حيثيت حاصل آهي.[ii]

پر آخر انساني علم عمل مان ڪيئن پيدا ٿئي ٿو ۽ پوءِ هو ڪيئن عمل جي خدمت ڪري ٿو ؟ جيڪڏهن اسان علم جي ارتقا جي عمل جو مطالعو ڪنداسين ته اها ڳالهه واضع ٿي ويندي.

انسان عمل جي پراسيس دوران سڀ کان پهريان صرف شين جي ظاهري، ان کان جدا پهلوئن ۽ باهمي ٻاهرين رشتن کي ڏسي ٿو. مثال طور ٻاهر کان آيل ڪجهه فرد حالتن جو مشاهدو ڪرڻ لاءِ ينان اچن ٿا. پهريان هڪ ٻه ڏينهن هو ينان جي جغرافيائي حالتن، ګليون ۽ مڪان ڏسن ٿا، گهڻن ماڻهن سان ملن ٿا، دعوتون (Banquets)، ڪاڌن پيتن ۽ عام جلسن ۾ شريڪ ٿين ٿا، مختلف قسم جون ڳالهيون ٻڌن ٿا ۽ دستاويز پڙهن ٿا. هي سڀني شين جا ظاهري، ان کان جدا پهلو ۽ ان جا خارجي تعلقات آهن. هن کي علم کان ادراڪ وارو مرحلو چئبو آهي، يعني احساسي خيال ۽ تاثرات جو مرحلو چئبو آهي. جيئن ته ٻيون ينان جون مخصوص شيون مشاهدو ڪندڙ گروهه جي رڪنن جي حواسن تي اثر انداز ٿي ڪري انهن جي احساسي سمجهه کي جنم (Evoke) ڏين ٿيون، ۽ انهن جي ذهنن ۾ ڪيترائي تاثرات پيدا ڪن ٿيون ۽ انهن سان گڏوگڏ انهن جي تاثرات جي وچ ۾ خارجي رشتن جو سرسري نقشو تشڪيل ڪن ٿيون. هي ادراڪ جو پهريون مرحلو آهي. هن مرحلي ۾ انسان تنهن هوندي به اهڙا تصور قائم نٿو ڪري سگهي جيڪي وڌيڪ گهرا هجن ۽ نه ئي هو منطقي نتيجا اخذ ڪري سگهن ٿا.

جيئن سماجي عمل جاري رهندو آهي ته اهي شيون هر هر پيش ٿينديون آهن جيڪي انساني عمل جي دوران ان جي احساسي سمجهه ۽ تاثرات کي جنم ڏين ٿيون، پوءِ واقفيت جي تدريجي عمل جي دوران ذهن ۾ اچانڪ تبديلي رونما ٿئي ٿي ۽ تصور قائم ٿين ٿا.

هاڻي تصورن جي حيثيت شين جي ظاهري، ان جي الڳ حالت ۽ ان جي ٻاهرين رشتن واري نٿي رهي، بلڪ اهي شين جي ماهيت، ان جي ڪليت ۽ ان جي اندروني رشتن جو سمجهو وڃي ٿو. تصورن ۽ احساسي خيالن جي وچ ۾ نه صرف مقداري پر ڪيفيتي فرق پڻ ٿيندو آهي. اڳتي هلي ڪري قوت فيصلا ۽ حاصلات جي ذريعي منتقي نتيجا برآمد ڪري سگهجن ٿا. "سان ڪو يئن اي (San Kuo Yen Yi)"[iii] نالي ناول ۾ ان جو قول آهي ته " نرڙ گهنجايو (Knit the brows) ته تدبير ذهن ۾ اچي ويندي آهي" يا روز مره زبان ۾ اهو چوڻ ته "مونکي ٿورو غور ڪرڻ ڏيو" مطلب هي ته انسان فيصلن ۽ نتيجن جي لاءِ پنهنجي دماغ ۾ تصورن کي استعمال ۾ آڻي ٿو. هي واقفيت جو ٻيو مرحلو آهي. جڏهن مشاهداتي گروهه جا رڪن مختلف قسم جي معلومات جمع ڪري چڪا آهن ۽ وڌيڪ جڏهن اهي "ان تي غور به ڪن ٿا" ته اهي ان فيصلي تي پهچن ٿا ته "ڪميونسٽ پارٽي جي جاپان دشمن قومي متحده محاذ جي متعلق پاليسي مڪمل، مخلصاڻي ۽ حقيقي آهي". جيڪڏهن فرد به نيڪ نيتي سان قومي نجات جي لاءِ اتحاد جي حق ۾ آهن ته هو اهو فيصلو ڪرڻ کان پوءِ هڪ قدم اڳيان وڃي سگهن ٿا ۽ اهو نتيجو اخذ ڪري سگهن ٿا ته "جاپان دشمن قومي متحدا محاذ ڪامياب ٿي سگهي ٿو". ڪنهن شيءِ جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ پوري طريقي ۾ تصورن، فيصلن ۽ نتيجن جو هي مرحلو اڃان وڌيڪ اهم هوندو آهي، هي عقلي علم جو مرحلو آهي. علم جو اصل ڪم احساس جي ذريعي فڪر تائين پهچڻ، قدم به قدم ظاهري شين جي اندروني تضادن، انهن جا قانون ۽ هڪ تدريجي عمل ۽ ٻئي تدريجي عمل جي وچ ۾ اندروني رشتن جي علم تائين پهچڻ يعني منطقي علم تائين پهچڻ آهي. ايئن چئبو ته ٻيا منطقي علم احساسي علم کان ان لحاظ کان مختلف هوندا آهن ته

محسوساتي علم جو تعلق شين جي جدا پهلوئن، ظاهري ۽ ٻاهرين رشتن سان هوندو آهي، جڏهن ته منطقي علم شين جي ڪليت، ماهيت ۽ اندروني رشتن تائين پهچڻ ۽ آسپاس دنيا ۾ موجود داخلي تضادن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو چلانگ (Big stride) لڳائي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح آس پاس دنيا جي ارتقا جو، ان جي ڪليت ۾، ان جي تمام پهلوئن جي داخلي رشتن جي اعتبار کان احاطو ڪرڻ ۾ قادر هوندو آهي.

علم جي ارتقا جي عمل جو هي نظريو جدلياتي ماديت، جنهن جو بنياد عمل تي آهي ۽ جيڪو گهٽ گهرائي کان وڌيڪ گهرائي جي طرف وڌي ٿو، مارڪسزم جي اڀرڻ کان پهرين ڪڏهن ڪنهن به تخليق نه ڪيو هو. مارڪسي ماديت پهريون ڀيرو هن مسئلي کي صحيح طرح حل ڪيو، ماديت ۽ جدليات ٻئي هي ٿا ڏيکارين ته ادراڪ گهرائي جي طرف حرڪت پزير ٿئي ٿي. هي اهڙي حرڪت آهي جنهن جي ذريعي سماج ۾ انسان پنهنجي پيداوار ۽ طبقاتي جدوجهد جي پيچيده عمل ۽ هن عمل جي مستقل دهرائجڻ جي دوران محسوساتي علم کان منطقي علم جي طرف ترقي ڪندو آهي. لينن چيو آهي ته ”مادو، فطرت جو قانون، قدر (Value) ۽ ان قسم جي ٻين شين جي تجريد، مختصر هي ته سڀ سائنسي تجريدون (صحيح، ضروري ۽ نه ڪي اجايو) فطرت جي تمام گهري، سچي ۽ مڪمل عڪاسي ڪن ٿا.“*iv

مارڪسزم ـ لیننزم جو موقف هي آهي ته ادراڪ واري عمل جو هر ٻيون مرحلو پنهنجي پنهنجي خصوصيات رکي ٿو. هيٺيئن مرحلي ۾ علم پنهنجو اظهار بطور تصوراتي علم ڪري ٿو ۽ مٿيئن مرحلي ۾ هو پنهنجو اظهار بطور منطقي علم ڪري ٿو، پر ٻئي ادراڪ جي مربوط عمل جا مرحلا آهن. خيالي علم ۽ منطقي علم خاصيتي اعتبار کان هڪٻئي کان مختلف آهن پر هڪٻئي کان لاتعلق ناهن هوندا، اهي عمل جي بنياد تي هڪ ٻئي سان منسلڪ آهن. اسان جو عمل هي ثابت ڪري ٿو ته جنهن شيءَ جو تصور ڪيو ويندو آهي اها جلدي سمجهه ۾ نٿي اچي ۽ اهو ته جيڪا شيءَ سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي، انهيءَ کي فقط گهڻو گهرائيءَ سان تصور ڪري سگهبو آهي. خيال صرف لقائن جو مسئلو حل ڪري ٿو، فقط نظريو ئي ماهيت جي مسئلي کي حل ڪري سگهي ٿو. انهن ٻنهي مسئلن کي عمل کان جدا ڪري ڪنهڙي به طرح حل ڪري نٿو سگهجي. جيڪو ماڻهو ڪنهن شيءَ جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهي ٿو، ان لاءِ هن وٽ ٻيو ڪو رستو ناهي سواءِ ان شيءَ سان رابطو ڪرڻ جي، يعني ان جي ماحول ۾ رهي (عمل ڪري). جاگيرداري سماج ۾ سرمائيداري سماج جي قانونن جو پهريائين علم حاصل ڪرڻ ناممڪن هو، ڇاڪاڻ ته ان وقت تائين سرمائيداري معرض وجود ۾ نه آئي هئي ۽ هن جي متعلق عمل جي کوٽ هئي. مارڪسزم صرف سرمائيداري سماج جي پيداوار ٿي سگهيو ٿي. ٻي قيد سرمائيداري جي دور ۾ مارڪس کي سامراج جي دور جي ڪجهه مخصوص قانونن بابت پهريان ئي ٿوس علم نٿي سگهيو ٿي ڇو ته ان وقت تائين سامراج جيڪو سرمائيداري جو آخري مرحلو آهي معرض وجود ۾ نه آيو هيو ۽ ان بابت عمل جي کوٽ هئي. فقط لينن ۽ اسٽالن ئي ان فرض کي پنهنجي ذمي وٺي سگهيا ٿي. مارڪس، اينجلس، لينن ۽ اسٽالن پنهنجن نظرين کي تشڪيل ڏيڻ لاءِ پنهنجي ذهانت کي ڇڏي ڪري، بنيادي طور تي انهيءَ سبب ڪامياب ٿيا هئا جو انهن پنهنجي پنهنجي دور جي طبقاتي جدوجهد ۽ سائنسي تجربن ۾ پاڻ خود عملي حصو ورتو هيو. ان شرط کان سواءِ ذهين کان ذهين شخص به ڪامياب نٿي ٿي سگهيو. هي چوڻي ته ”عالِم پنهنجي گهر کان ٻاهر قدم رکڻ کان سواءِ هن وسيع دنيا جي سيني معاملن کان واقف هجي ٿو“، ان زماني ۾ صرف هڪ کوکلي ڳالهه هئي جڏهن ٽيڪنالاجي ترقي نه ڪئي هئي. جيتوڻيڪ اهو قول هن ترقي يافته ٽيڪنالاجي جي موجوده دور ۾ درست ڪرار ڏيئي سگهجي ٿو، جڏهن ته حقيقي ذاتي علم فقط انهن ماڻهن کي حاصل ٿيندو آهي جيڪي وسيع دنيا ۾ عمل ۾ حصو وٺن ٿا ۽ جڏهن اهي ماڻهو پنهنجي عمل جي ذريعي علم حاصل ڪن ٿا ۽ انهن جو علم تحريري ۽ ٽيڪنيڪي ذريعن مان ڪنهن عالم تائين پهچي ٿو، تڏهن ئي اهو ممڪن هوندو آهي ته هو اڻسڌيءَ طرح ”هن وسيع دنيا جي سمورن معاملن کان واقف ٿئي ٿو“. جيڪڏهن توهان ڪنهن شي يا ڪنهن هڪ قسم جي شين جي علم کي سڌو سنئون حاصل ڪرڻ جا خواهشمند آهيو ته توهان کي حقيقت کي تبديل ڪرڻ، ان شيءَ يا ڪنهن قسم جي شين جي علم کي تبديل ڪرڻ جي لاءِ بذات خود عملي جدوجهد ۾

حصو وٺئو پوندو، ڇو جو فقط انهيءَ طريقي سان ئي توهان ان شيءَ يا ان قسم جي شين جي مظهرن سان رابطو رکي سگهو ٿا، صرف حقيقت کي تبديل ڪرڻ جي عملي جدوجهد ۾ بذات خود شرڪت ڪرڻ جي ذريعي ئي توهان ان شيءَ يا ان قسم جي شين جي ماهيت کي منظر عام تي آڻي سگهو ٿا ۽ انهن کي سمجهي سگهو ٿا. اهو ئي علم جو رستو آهي جنهن تي هر شخص واقعي سفر ڪري ٿو. جيتوڻيڪ ڪجهه ماڻهو ڇاڻي واڻي مامرن کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪري هن جي برعڪس دليل پيش ڪندا آهن. دنيا ۾ سڀ کا ن بيهودو شخص (Ridiculous) اهو "عالم ڪل" آهي جيڪو هيڏانهن هوڏانهن جي ٻڌل ڳالهين مان علم جي شدت حاصل ڪري ٿو ۽ پوءِ دعوي ڪري ٿو ته هو ئي "عالم بحر" آهي. هن مان صرف هڪ ڳالهه واضع ٿئي ٿي ۽ اها هي ته هن جو انداز ٺيڪ طريقي وارو ناهي. علم هڪ سائنس آهي ۽ هن ۾ ڪنهن به قسم جي بد ديانتي ۽ غرور جي گنجائش ناهي، جنهن شيءَ جي ضرورت آهي اها قطعي برعڪس آهي اها ديانت ۽ انڪساري آهي. جيڪڏهن توهان علم چاهيو ٿا ته توهان کي حقيقت کي تبديل ڪرڻ واري عمل ۾ حصو وٺئو پوندو. جيڪڏهن توهان ناشپتي جو ذائقو معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا ته توهان کي بذات خود کائي هن کي تبديل ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن توهان ايٽم بم جي بناوٽ ۽ انجي خاصيتن کي ڇاڻڻ چاهيو ٿا ته توهان ايٽم جي حالت تبديل ڪرڻ لاءِ طبعي ۽ ڪيميائي تجربا ڪرڻا پوندا. جيڪڏهن توهان انقلاب جو نظريو ۽ طريقو ڇاڻڻ چاهيو ٿا ته توهان کي انقلاب ۾ حصو وٺئو پوندو. سيئي حقيقي علم سڌيءَ ريت تجربي مان پيدا ٿين ٿا. ليڪن انسان هر شيءَ جو تجربو سڌو سنئون نٿو ڪري سگهي. حقيقت اها آهي ته اسان کي گهڻي ڀاڱي علم اڻسڌي طرح حاصل ٿئي ٿو، گذريل زماني ۽ ٻاهرين ملڪن جي سيئي ڇاڻ ايئن ئي آهي. اسان جي ابن ڏاڏن (Ancestors) ۽ غير ملڪين کي هي علم سڌو سنئون تجربي مان حاصل ٿيندو هيو يا ٿيندو آهي، ۽ جيڪڏهن انهن کي سڌي سنئين تجربي مان حاصل ٿيو هوندو يا ٿئي پيو ۽ جيڪڏهن انهن جي سڌي سنئين تجربي جي دوران "سائنسي تجريد" جي شرط کي، جنهن جو ذڪر لينن ڪيو آهي، پورو ڪيو ويو هو يا ڪيو ويو آهي ۽ معروضي حقيقت جي سائنسي طريقي سان عڪاسي ڪئي ويئي هئي يا ڪئي ويئي آهي ته پوءِ اهو علم قابل اعتماد هوندو آهي، ٻي صورت ۾ ان تي اعتماد نٿو ڪري سگهجي. تنهن ڪري انسان جو علم فقط ٻن حصن تي مشتمل آهي، هڪ اهو جيڪو سڌو سنئون تجربي مان حاصل ٿئي ٿو، ٻيو اهو جيڪو اڻسڌي طرح تجربي مان حاصل ٿئي ٿو. بلڪ جيڪو تجربو منهنجي لاءِ سڌو سنئون آهي اهو ٻين ماڻهن لاءِ اڻسڌو آهي. تنهن ڪري مجموعي حيثيت کان ڏٺو وڃي ته ڪنهن به قسم جي علم کي سڌي سنئين تجربي کان جدا نٿو ڪيو وڃي. انسان جو سڀ علم ان جي جسماني حواسن جي ذريعي معروضي خارجي دنيا جي تصور مان حاصل ٿئي ٿو. جيڪو شخص اهڙي خيال کان انڪار ڪري ٿو، اهو سڌو سنئون تجربي کان انڪار ٿو ڪري يا حقيقت کي تبديل ڪرڻ واري عمل ۾ ذاتي شرڪت کان انڪار ڪري ٿو اهو ماديت پسند نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو "عالم ڪل" هڪ مذاق آهي. چين جي هڪ پراڻي چوڻي آهي ته "شير جي ڏر ۾ داخل ٿيڻ کان سواءِ توهان شير جي ٻچن (Tiger cubs) کي ڪيئن پڪڙي سگهو ٿا؟" هي ڪهاوت انسان جي عمل تي به سچي ٿئي ٿي ۽ نظريي علم تي به سچي ٿئي ٿي. عمل کان الڳ رهي ڪري ڪو به علم حاصل نٿو ٿي سگهي.

حقيقت کي تبديل ڪرڻ واراي عمل جي بنياد تي پيدا ٿيل ادراڪ جدلياتي ماديت حرڪت جي وضاحت لاءِ، يعني ادراڪ جي بتدريج گهرائي اختيار ڪرڻ جي حرڪت جي وضاحت جي لاءِ ڪجهه وڌيڪ ٺوس مثال هيٺ ڏجن ٿا.

پنهجي عمل جي پهرئين مرحلي ۾، يعني مشينن جا پرزا پرزا ڪرڻ ۽ پاڻمرادو جدوجهد جي دور ۾ پورهيت سرمائيداري سماج بابت پنهنجي علم ۾ فقط ادراڪ جي تصوراتي مرحلي ۾ هيو، هن فقط سرمائيداري جي ظاهري ڪجهه پهلوئن ۽ ان جي خارجي رشتن کي ڇاتو هيو. پورهيت ان وقت تائين "بذات خود طبقو" هيو. پر جڏهن هو پنهنجي عمل جي ٻئين مرحلي ۾، يعني شعوري ۽ منظم اقتصادي ۽ سياسي جدوجهد واري مرحلي ۾ داخل ٿيو ته سرمائيداري سماج جي ماهيت، سماجي طبقن جي وچ ۾ استحصالي

رشتن ۽ خود پنهنجي تاريخي فرض کي سمجهڻ جي قابل ٿيو؛ ۽ هن کي اهو علم خود پنهنجي عمل ۽ ڏکهي جدوجهد جي تجربي مان ئي حاصل ٿيو. ڪارل مارڪس ۽ اينجلس انهيءَ تجربي کي هر طرح جي سائنسي طريقي سان غور ڪري پورهيتن جي تعليم لاءِ مارڪسزم جي نظريي کي تشڪيل ڏنو. انهيءَ ڪان پوءِ ئي پورهيت هڪ بذات خود طبقو ٿيو.

چيني عوام کي بہ سامراجيت جي باري ۾ علم اهڙيءَ طرح حاصل ٿيو. پهريون مرحلو سطحي، تصوراتي علم جو هيو، جنهن جو اظهار تائپنگ آسماني سلطنت ۽ اِي هو توان (Yi Ho Tuan) جهڙين بلا امتياز سيني غير ملڪين جي خلاف جدوجهد جي شڪل ۾ ٿيو هيو. اها ڳالهہ فقط ٻئين مرحلي ۾ ئي ٿي تہ چيني عوام عقلي علم جي مرحلي ۾ پهتي. ان وقت انهن سامراج جي داخلي ۽ خارجي تضادن ۽ ان حقيقت کي سمجهيو تہ سامراج چيني عوام کي ظلم و ستم ۽ ڦر لٽ جو شڪار بڻائڻ لاءِ ڪمپرادور (Comprador) ۽ جاگيردار طبقن سان ڳٽ جوڙ ڪري ڇڏيو هيو. هن علم جي ابتدا 4 مئي 1919 واري تحريڪ جي لڳ ڀڳ ٿي.

هاڻي اچو تہ جنگ جي متعلق غور ويچار ڪريون. جيڪڏهن اهي ماڻهو جيڪي جنگ جي اڳواڻي ڪن ٿا، جنگ جو ڪو بہ تجربو نٿا رکن تہ اهي ابتدائي مرحلي ۾ ڪنهن مخصوص جنگ (جيئن اسان جي گذريل ڏهن سالن جي انقلاب ايراضي (Agrarian) جي جنگ) جي رهنمائي ڪرڻ وارن پيچيدہ قانونن کي نٿا سمجهي سگهن. شروعاتي مرحلي ۾ انهن کي صرف وڙهڻ جو ڏاڍو تجربو حاصل ٿيندو، ان ڪان بہ وڌيڪ اهو تہ انهن کي ڪيترين ئي شڪستن کي منهن ڏيڻو پوندو. پر اهو تجربو (ڪٽيل لڙايون ۽ خاص طور تي هارايل لڙاين جو تجربو) انهن کي ان قابل بڻائي ڇڏي ٿو تہ اهي پوري جنگ جي مزاج، يعني انهيءَ مخصوص جنگ جي قانونن کي سمجهن، ان جي حڪمت عملي ۽ تدبيرن کي سمجهن، ۽ اهڙيءَ طرح جنگ ۾ اعتماد سان رهنمائي ڪن. جيڪڏهن اهڙي موقعي تي جنگ جي ڪمان ڪنهن ناتجربيڪار شخص جي حوالي ڪئي وڃي تہ هو بہ ڪيترين شڪستن کي منهن ڏيڻ ڪان پوءِ (تجربو حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ) جنگ جي حقيقي قانونن کي سمجهي ويندو.

جڏهن ڪو ڪامريڊ ڪنهن ذميواري کي قبول ڪرڻ ۾ هٻڪ محسوس ڪندو آهي تہ اڪثر هن قسم جا جملا ٻڌڻ ۾ ملندا آهن تہ "مونکي يقين ناهي تہ مان هن ڪم کي سرانجام ڏئي سگهان ٿو." هو اهڙي بي يقيني واري ڪيفيت ۾ ڇو مبتلا ٿيندو آهي ؟ انڪري جو هو ان ڪم جي مواد ۽ حالات ڪان باقائدي طور اڻواقف هوندو آهي يا ان جو سبب اهو هوندو آهي جو هن اهڙي قسم جي ڪمن سان تمام ٿورو رابطو ٿيندو آهي يا بلڪل بہ رابطو نہ ٿيندو آهي. تنهن ڪري هن ڪم جي متعلق قانون هن جي علم ڪان ٻاهر هوندا آهن. هن ڪم جي نوعيت ۽ حالتن جو تفصيلي جائزو وٺڻ ڪان پوءِ ئي هو پنهنجي پاڻ ۾ وڌيڪ اعتماد محسوس ڪندو ۽ ان ڪم کي خوشي سان ڪندو. جيڪڏهن هو ان ڪم ۾ ڪجهہ وقت گذاريندو ۽ تجربو حاصل ڪندو ۽ جيڪڏهن هو اهڙو شخص آهي جيڪو ڪشادي ذهن سان معاملن جي جاچ پڙتال ڪرڻ تي اماده آهي ۽ هو اهڙو شخص نہ آهي جيڪو مسئلن جو موضوعي، هڪ طرفو ۽ سطحي اندازو لڳائي ٿو، تہ هو خودبخود اهو نتيجو اخذ ڪر ي سگهي ٿو تہ ان ڪم کي ڪيئن سر انجام ڏجي، ۽ اهڙي طرح هو وڌيڪ جرئتمندي سان ڪري سگهندو. صرف اهي ماڻهو جيڪي مسئلن جو موضوعي، هڪ طرفو ۽ سطحي اندازو لڳائين ٿا، حالتن جو جائزو وٺڻ کانسواءِ شين کي مڪمل (يعني انهن جي تاريخ ۽ موجودہ ڪيفيت کي مجموعي حيثيت ۾) جاچڻ ڪان سواءِ ۽ شين جي ماهيت (يعني انهن جي فطرت ۽ هڪ شيءَ جو ٻي شيءَ سان اندروني تعلق) کي سمجهڻ کانسواءِ، موقعي تي پهچڻ شرط ئي خودرائي سان حڪم يا هدايتون جاري ڪندا. اهڙا ماڻهو يقينن منهن پر زمين تي ڪرندا آهن.

اهڙي طرح اها ڳالهہ واضع ٿي وڃي ٿي تہ ادراڪ جي تدريجي عمل ۾ پهريون قدم هي آهي تہ خارجي دنيا جي شين سان رابطو پيدا ڪيو وڃي، هي تصور وارو مرحلو آهي. ٻيون مرحلو هي آهي تہ تصور

مان حاصل ٿيل معلومات کي ترتيب ۽ نئين سر ترڪيب جي ذريعي ملايو وڃي، هي تصور، فيصلي ۽ نتيجي جو مرحلو آهي. تصور مان حاصل ٿيل معلومات ان وقت صحيح تصور ۽ نظريا قائم ڪرڻ جو بنياد بڻجي سگهي ٿي جڏهن هو وسيع ۽ جامع هجي (متفرق نہ هجي) ۽ حقيقت سان مطابقت رکندي هجي (خيالي نہ هجي).

هتي ٻن اهم نقطن تي زور ڏيڻ ضروري آهي. پهريون، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي، هتي دهرائڻ گهرجي، اهو هي تہ عقلي علم جو انحصار تصوراتي علم تي هوندو آهي. جيڪو شخص اهو سمجهي ٿو تہ عقلي علم جي لاءِ اهو ضروي ناهي تہ اهو تصوراتي علم مان حاصل ڪيو وڃي، اهو خيال پرست آهي. فلسفي جي تاريخ ۾ هڪ مڪتب فڪر عقليت پسند آهي جيڪو صرف عقليت جي حقيقت کي تسليم ڪري ٿو ۽ تجربي جي حقيقت کي تسليم نٿو ڪري اهو صرف عقليت کي قابل اعتماد مڃي ٿو، هن جي ويجهو تصوراتي تجربو قابل اعتماد ناهي. هي مڪتب فڪر حقيقتن کي ابتو هيٺ ڪرڻ جي غلطي جو مرتڪب ٿئي ٿو. عقلي علم فقط ان ڪري قابل اعتماد آهي جو اهو احساسي تصورن مان اخذ ڪيو ويندو آهي، ٻي صورت ۾ هي اهڙي پاڻي جهڙو هوندو جنهن جو ڪو منهن (ذريعو) نہ هجي، اهڙي وڻ جهڙو جنهن جي ڪا پاڙ نہ هجي، هي موضوعي، پنهنجو خود ڻاهيل (Self-engendered) ۽ ناقابل اعتماد هوندو. جيستائين ادراڪ جي تدريجي عمل جي ترتيب جو تعلق آهي، تصوراتي تجربو اولين حيثيت رکي ٿو. اسان ادراڪ جي تدريجي عمل ۾ سماجي عمل جي اهميت تي فقط انهيءَ ڪري زور ڏيون ٿا جو صرف سماجي عمل ئي انساني علم کي جنم ڏئي سگهي ٿو ۽ صرف انهيءَ بنياد تي انسان معروضي خارجي دنيا مان تصوراتي تجربي جي حاصلات جي شروعات ڪري سگهي ٿو. جيڪو شخص پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏي، ڪنن ۾ ڪپهہ وجهي ڇڏي ۽ معروضي خارجي دنيا سان بلڪل لاتعلق ٿي رهي، اهو ڪو بہ علم حاصل نٿو ڪري سگهي. علم جي ابتدا تجربي مان شروع ٿيندي آهي. هي ئي علم نظريي جي ماديت آهي.

ٻيو نقطو هي آهي تہ علم ۾ گهرائي پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي، يعني علم کي تصوراتي مرحلي مان عقلي مرحلي تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي. هي نظريو علم جي جدليات آهي. هي خيال ڪرڻ "تجربيت" جي تاريخي غلطي کي دهرائڻ جي برابر هوندو تہ علم هيٺئين مرحلي يعني تصوراتي مرحلي ۾ رڪجي سگهي ٿو ۽ اهو تہ صرف تصوراتي علم ئي قابل اعتماد آهي ۽ عقلي علم تي اعتماد نٿو ڪري سگهجي. هن نظريي جي غلطي اهو نہ سمجهڻ ۾ آهي تہ هر هڪ جي محسوساتي چاڻ معروضي ٻاهرين دنيا جي ڪجهہ حقيقتن جي عڪاسي ڪري ٿي (مان هتي خيال پرست تجربيت جي ڳالهہ نٿو ڪريان جيڪي تجربي کي نام نهاد باطني مشاهدي (So-called introspection) تائين محدود ڪري ڇڏي ٿي)، هو فقط هڪ طرفي ۽ سطحي هوندي آهي، شين جي مڪمل عڪاسي نٿي ڪري ۽ ان جي ماهيت جي عڪاسي نٿي ڪري. ڪنهن شيءِ جي مجموعي طور تي ڀرپور عڪاسي ڪرڻ لاءِ ان جي ماهيت جي عڪاسي ڪرڻ لاءِ ۽ ان جي مخصوص اندروني قانونن جي عڪاسي ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ فڪر کي عمل ۾ آڻي احساسي تصور مان حاصل ٿيل وسيع ۽ جامع ڄاڻ کي نئين سر مرتب ڪيو وڃي، ڪوڙ کي ڦٽو ڪيو وڃي ۽ اصل کي رکيو وڃي، باطل کي ترڪ ڪيو وڃي ۽ حق کي سنڀاليو وڃي، هڪ شيءَ کان ٻي شيءَ جي طرف ۽ ظاهر کان باطن ڏانهن وڌايو وڃي، چو تہ تصورن ۽ نظرين جو هڪ نظام قائم ڪري سگهجي. اهو ضروري آهي تہ محسوساتي علم کان عقلي علم جي طرف چال لڳايو وڃي. هن طرح جو مرتب ڪيل علم گهٽو کوکلو ۽ گهٽو ناقابل اعتماد نٿو ٿئي. ان جي بر عڪس واقفيت جي تدريجي عمل ۾ عمل جي بنياد تي جيڪو ڪجهہ سائنسي طريقي سان نئين سر مرتب ڪيو ويندو آهي، اهو بقول لينن معروضي حقيقت جي گهڻي گهري، گهڻي سچي ۽ گهڻي مڪمل عڪاسي ڪري ٿو ان جي بر خلاف بيهودا "عملي ماڻهو" تجربي جي عزت ڪن ٿا ۽ نظريي کي حقير سمجهن ٿا، تنهن ڪري انهن جي نگاهہ ڪنهن مڪمل معروضي تدريجي عمل سان گڏ احاطو نٿي ڪري سگهي، انهن جو ڪو بہ واضع رستو ناهي هوندو ۽ انهن جي نظر گهٽو پري ڏسڻ جي ڪابل نٿي رهي. اهي وقتي ڪاميابين ۽ حقيقت جي معمولي جهلڪين مان ئي مطمئن ٿي وڃن ٿا. جيڪڏهن اهڙا ماڻهو انقلاب جي رهنمائي ڪن تہ هو ان کي انڌي غار ۾ وٺي ويندا.

عقلي علم جو انحصار محسوساتي علم تي هوندو آهي ۽ محسوساتي علم کي عقلي علم ۾ تبديل ڪرڻ ضروري هوندو آهي، هي جدلياتي ماديت جي علم جو نظريو آهي. فلسفي ۾ نہ ”عقليت“ علم جي تاريخي يا جدلياتي نوعيت کي سمجهي سگهي ٿي ۽ نہ ”تجربيت“، جيتوڻيڪ هر ٻئي مڪتبي فڪر ۾ صداقت جو هڪ هڪ پهلو موجود آهي (منهنجي مراد مادي عقليت ۽ تجربيت مان آهي، تصوري عقليت ۽ تجربيت مان نہ)، پر بحيثيت مجموعي نظريي علم جي سلسلي ۾ ٻئي غلطي تي آهن. محسوساتي کان عقلي جي طرف جدلياتي ماديت جي حرڪت علم، واقفيت جي ڪنهن معمولي تدريجي عمل بابت بہ صحيح آهي (مثال طور ڪنهن هڪ شيءِ يا ڪم کي ڄاڻڻ) ۽ واقفيت جي ڪنهن وڏي تدريجي عمل جي باري ۾ بہ صحيح آهي (مثال طور ڪنهن مڪمل سماج يا ڪنهن انقلاب کي ڄاڻڻ).

پر هتي پهچي ڪري علم جي حرڪت ختم نٿي ٿئي. جيڪڏهن جدلياتي ماديت جي حرڪت علم عقلي علم تائين اچي رڪجي وڃي تہ صرف اڌ مسئلو حل ٿيندو. ۽ جيستائين مارڪسي فلسفي جو تعلق آهي، هي اڌ حصو بہ نسبتا گهٽ اهميت جو ٿيندو. مارڪسي فلسفي جي ويجهو معروضي دنيا جي قانونن کي سمجهڻ ۽ اهڙي طرح ان جي تشريح ڪرڻ جي قابل ٿيڻ سڀ کان اهم مسئلو ناهي، بلڪ اهو تہ دنيا کي سرگرمي سان گڏ تبديل ڪرڻ لاءِ معروضي قانونن جي علم کي لاڳو ڪيو وڃي. مارڪسي نقطي نظر کان نظريو اهم هوندو آهي ۽ ان جي اهميت جو اظهار لينن جي ان بيان ۾ پوري طرح هوندو آهي تہ ”انقلابي نظريي جي بغير ڪابہ انقلابي تحريڪ نٿي ٿي سگهي.“*۷ پر مارڪسزم نظريي جي اهميت تي فقط ئي فقط انهيءَ ڪري زور ڏئي ٿو تہ هي عمل جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن اسان وٽ ڪو بہ صحيح نظريو هجي، پر اسان فقط ان جي متعلق زباني جمع خرچ ڪندا رهون، ان کي ڪاغذي خاني ۾ رکي ڇڏيون ۽ انجي مطابق عمل نہ ڪريون تہ ان نظريي جي، خواهہ اهو ڪيترو بہ سٺو چو نہ هجي، ڪنهن بہ اهميت جو نہ رهندو. علم جي ابتدا عمل سان هوندي آهي ۽ نظرياتي علم جيڪو عمل جي ذريعي حاصل ٿيندو آهي، پوءِ اهو عمل جي طرف ضرور واپس اچڻ گهرجي. علم جو عملي ڪم نہ فقط پنهنجو پاڻ کي خيالي علم مان عقلي علم ڏانهن عملي ڇال ۾ ظاهر ڪندو آهي، پر ـ ۽ هي وڌيڪ اهم ڳالهہ آهي ـ هن کي پنهنجو پاڻ کي لازمي عقلي علم مان انقلابي عمل جي طرف ڇلانگ ۾ ظاهر ڪرڻو آهي. جنهن علم جي ذريعي دنيا جي قانونن جي سمجهہ حاصل هجي، ان جو رخ دنيا کي تبديل ڪرڻ واري عمل جي طرف موڙڻ گهرجي، ان علم کي نئين سر پيداوار جي عمل، انقلابي طبقاتي جدوجهد ۽ انقلابي قومي جدوجهد جي عمل ۽ سائنسي تجربي جي عمل ۾ لاڳو ڪرڻ گهرجي. هي نظريي کي پرکڻ ۽ ترقي ڏيڻ جو تدريجي عمل آهي، هي ادراڪ جي مڪمل تدريجي عمل جو تسلسل آهي. مٿي ذڪر ڪيل خيالي مان عقلي علم ڏانهن حرڪت جي دوران هي مسئلو تہ خواهہ نظريو معروضي حقيقت سان مطابقت رکي ٿو يا نہ، پوري طرح حل نہ ٿيندو ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو. هن مسئلي کي پوري طرح حل ڪرڻ جو واحد طريقو هي آهي تہ عقلي علم جو رخ سماجي عمل جي طرف موڙيو وڃي، نظريي کي عمل تي لاڳو ڪيو وڃي ۽ ڏٺو وڃي تہ هن سان گهربل مقصد جي تڪميل ٿئي ٿي يا نہ. فطرتي سائنس جي گهڻن نظرين کي صحيح تصور ڪيو وڃي ٿو، ان جو سبب صرف اهو نہ آهي تہ فطرتي سائنسدانن ان جو بنياد وڌو هيو تڏهن ان وقت ان کي صحيح تصور ڪيو ويو هيو، پر ان جو سبب هي آهي تہ سائنسي عمل جي دوران ان جي تصديق ٿي چڪي آهي. اهڙي طرح مارڪسزم ـ لينن ازم کي صحيح تصور ڪيو وڃي ٿو تہ ان جو سبب صرف اهو نہ آهي تہ جڏهن مارڪس، اينجلس، لينن ۽ استالن سائنسي طريقي سان ان کي تشڪيل ڏنو هيو تہ ان وقت هن کي صحيح تصور ڪيو ويو هو بلڪ ان جو سبب هي آهي تہ پوءِ واري انقلابي طبقاتي جدوجهد ۽ انقلابي قومي جدوجهد جي عمل جي دوران ان جي تصديق ٿي چڪي آهي. جدلياتي ماديت عالمگير سچائي آهي چو تہ عمل جي ميدان ۾ ڪو بہ شخص ان جي حدن کان ٻاهر نٿو رهي سگهي. انساني علم جي تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ گهڻن نظرين جي سچائي نامڪمل هوندي آهي ۽ هي هڪ نامڪمليت جو تدارڪ عملي آزمائش سان هوندو آهي. ڪيترائي نظريا غلط هوندا آهن ۽ عمل جي ڪسوٽي تي پرکڻ کان پوءِ ئي انهن

جي غلطين جو ازالو ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري عمل سچائي جي ڪسوٽي آهي ۽ اهو ئي سبب آهي ته ”زندگي جي نقطي نظر، عمل جي نقطه نظر کي نظريي علم ۾ اولين ۽ بنيادي حيثيت حاصل هئڻ گهرجي“*vi. اسٽالن بهتر چيو آهي، ”جيڪڏهن نظريي جو تعلق انقلابي عمل سان نه هجي ته اهو بي مقصد ٿي وڃي ٿو، بلڪل ايئن جيئن انقلابي نظريي جي روشني نه هجي ته عمل انڌيري ۾ هٿوراڙيون (Gropes) ماريندو رهندو.“*vii

جڏهن اسان هن نقطي تي پهچون ٿا، ته ڇا هتي علم جي حرڪت پوري ٿي وڃي ٿي؟ اسان جو جواب هي آهي ته پوري ٿئي به پئي ۽ نه به ٿئي ٿي. جڏهن سماج جا فرد ڪنهن مخصوص معروضي تدريجي عمل (خواهه اهو فطري هجي يا سماجي) جي ارتقا جي ڪنهن مخصوص مرحلي ۾ هن معرض تدريجي عمل کي تبديل ڪرڻ جي لاءِ عمل پيرا هوندا آهن ته هو پنهنجي ذهنن تي معروضي تدريجي عمل جي عڪس ۽ پنهنجي شعوري موثر ڪردار ادا ڪرڻ جي بنياد تي پنهنجي علم کي محسوساتي مان عقلي مرحلي ۾ پهچائي سگهن ٿا، ۽ اهڙا خيال، نظريا، منصوبا يا پروگرام مرتب ڪري سگهن ٿا جيڪي عمومي طور تي هن معروضي تدريجي عمل جي قانونن سان مطابقت رکن ٿا، پوءِ هو انهن خيالن، نظرين، منصوبن يا پروگرامن کي انهي معروضي تدريجي عمل ۾ عمل درآمد ۾ آڻين ٿا ۽ جيڪڏهن هو اهڙي طرح گهربل مقصد حاصل ڪري سگهيا، يعني جيڪڏهن هو انهن کي تدريجي عمل جي دوران پهريان کان واضع ڪيل خيالن، نظرين، منصوبن يا پروگرامن کي حقيقت جي سانچي ۾ وجهي سگهيا يا عمومي طور تي وجهي سگهيا ته هي سمجهي سگهجي ٿو ته ان مخصوص تدريجي عمل جي حد تائين علم جي حرڪت مڪمل ٿي ويئي آهي. مثال طور فطرت کي تبديل ڪرڻ جي تدريجي عمل جي دوران ڪنهن انجنيئرنگ جي منصوبي جي تڪميل، ڪنهن سائنسي مفروضي جي تصديق، ڪنهن اوزار جي تياري يا فصل جي ڪٽائي، يا سماج کي تبديل ڪرڻ واري تدريجي عمل جي دوران، ڪنهن هڙتال جي ڪاميابي، ڪنهن جنگ ۾ ڪاميابي يا ڪنهن تعليمي منصوبي جي تڪميل کي وٺجي، هي سڀ شيون گهربل مقصد جي تڪميل سمجهي سگهجن ٿيون. پر عام طور تي ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته فطرت کي تبديل ڪرڻ جي عمل جي دوران يا سماج کي تبديل ڪرڻ جي عمل دوران ماڻهن جا ابتدائي خيال، نظريا، منصوبا يا پروگرام بغير ڪنهن تبديلي جي ورلي ئي پورا ٿيندا آهن. انهيءَ جو سبب هي آهي ته جيڪي ماڻهو حقيقت کي تبديل ڪرڻ ۾ مصروف هوندا آهن، اهي اڪثر ڪيترين ئي حدن جا پابند هوندا آهن، اهي نه صرف موجوده سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل حالتن، بلڪ خود معروضي تدريجي عمل جي ارتقا ۽ ان تدريجي عمل جي اظهار جي حدن ۾ قيد هوندا آهن (معروضي تدريجي عمل جي پهلوئن ۽ ان جي ماهيت جو اڃان تائين پوري طرح انڪشاف نه ڪيو ويو آهي). اهڙي صورت ۾ عمل جي دوران غير متوقع حالتون پيش اچڻ جي ڪري خيالن، نظرين، منصوبن يا پروگرامن ۾ عمومي جزوي طور تي ۽ ڪجهه وقتن ۾ ڪلي طور تبديلي ڪرڻي پوندي آهي. اهو چوڻ ايئن به هوندو آهي ته ابتدائي خيال، نظريا، منصوبا يا پروگرام جزوي طور تي يا ڪل جا ڪل حقيقت سان مطابقت نه رکندا آهن ۽ اهي جزوي طور تي يا ڪلي طور تي غلط هندا آهن. ڪيترن وقتن تي وري وري ناڪامين کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، تڏهن وڃي ڪٿي علم جي غلطين جي اصلاح ٿي سگهي ٿي ۽ معروضي تدريجي عمل جي قانونن سان مطابقت پيدا ڪري سگهجي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح موضوعي کي معروضي ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو، يا ٻين لفظن ۾ عمل جي دوران متوقع نتيجا ڳولي سگهجن ٿا. جڏهن اهو مقام اچي وڃي، خواه اهو ڪهڙي طرح اچي، ته ڪنهن مخصوص معروضي تدريجي عمل جي ارتقا جي ڪنهن مخصوص مرحلي ۾ هن معروضي تدريجي عمل جي باري ۾ انساني علم جي حرڪت کي مڪمل تصور ڪري سگهجي ٿو.

بهرحال، جيستائين تدريجي عمل جي ترقي جو تعلق آهي، انساني علم جي حرڪت مڪمل ناهي ٿيندي. هر تدريجي عمل، خواه اهو فطري هجي يا سماجي، پنهنجي اندورني تضاد ۽ ڪشمڪش واري سبب جي ڪري اڳيان وڌي ۽ ترقي ڪري ٿو، انساني علم جي حرڪت کي به انهيءَ سان گڏ اڳيان وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ گهرجي. جتي سماجي تحريڪن جو تعلق آهي، سچن انقلابي اڳواڻن کي نه صرف ان وقت جڏهن به پنهنجي خيالن، نظرين، منصوبن يا پروگرامن ۾ غلطين جي خبر پوي ته انهن جي اطلاح ڪرڻ ۾ ماهر هجڻ

گهرجي، جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي، بلڪ جڏهن ڪو مخصوص معروضي تدريجي عمل ترقي ڪري ارتقا جي هڪ مرحلي مان ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿي وڃي ته ان سان گڏ پنهنجي ۽ پنهنجن سيني انقلابي ساٿين جي موضوعي علم کي ترقي ڏيڻ ۽ تبديل ڪرڻ ۾ به ماهر هجڻ گهرجي، يعني هن کي ان ڳالهه کي يقيني بنائڻ گهرجي ته مجوزه نوان انقلابي فرض ۽ نوان عملي پروگرام صورتحال جي نئين تبديلين سان مطابقت رکن. انقلابي دور ۾ صورتحال ڏاڍي تيزي سان تبديل ٿيندي آهي. جيڪڏهن انقلابين جي علم ۾ تبديل ٿيل صورتحال جي مطابق گهڻي تيزي سان تبديلي واقع نه ٿيندي، ته هو انقلاب کي فتح جي منزل تائين نٿا پهچائي سگهن.

جيئن ته اڪثر ايئن ٿيندو آهي ته فڪر حقيقت جي پويان رهجي ويندو آهي، ان جو سبب هي هوندو آهي ته انسان جي واقفيت ڪيترن ئي سماجي حالتن جي پابند هوندي آهي. اسان انقلابي صفن ۾ اهڙن ڪٽر ماڻهن (Die-hards) جي خلاف آهيون جن جو فڪر بدليل معروضي حالتن سان گڏ اڳيان نٿو وڌي ۽ تاريخي اعتبار کان ساڄي ڌر جي موقعي پرستي جو مظهر هوندو آهي. اهڙا ماڻهو هي ڳالهه سمجهڻ کان قاصر هوندا آهن ته تضادن جي ڪشمڪش معروضي تدريجي عمل کي اڳيان وڌائي ڇڏيو آهي پر انهن جو علم پراڻي مرحلي تي ئي رڪيل آهي. سيني ڪٽر ماڻهن جي فڪر جي اها خاصيت آهي. انهن جي فڪر جو سماجي عمل سان ڪو به تعلق ناهي هوندو ۽ هو اڳيان وڌي ڪري سماج جي ڪاروان جي اڳواڻي نٿا ڪري سگهن. هو پويان پويان ئي هلندا رهن ٿا، هي بڙبڙ (Grumbling) ڪندا رهن ٿا ته هي گهڻو تيز وڃي رهيو آهي ۽ ان کي پوئتي گهلڻ يا الٽي طرف موڙڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا.

اسان کابي ڌر جي ڄاڙي باز جي به خلاف آهيون. "کابي ڌر جي ماڻهن" جو فڪر معروضي تدريجي عمل جي ارتقا جي مخصوص مرحلي کان اڳيان نڪري وڃي ٿو. ان ۾ ڪجهه پنهنجي وهمن جي سچائي سمجهن ٿا ۽ ڪجهه موجوده حالات ۾ هڪ اهڙو نصب العين حاصل ڪرڻ جي بي سود ڪوشش ڪن ٿا جنهن جو حصول مستقبل ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. هو عوام جي اڪثريت جي موجوده عمل ۽ پنهنجي زماني جي حقيقتن کان ڇني ڌار ڪن ٿا ۽ پنهنجي فعلن ۾ خطره پسندي جو مظاهرو ڪن ٿا.

تصوريت ۽ ميڪانڪيماديت، موقع پرستي ۽ خطرا پسندي هي سڀ موضوعي ۽ معروضي جي وچ ۾ موجود عدم يگانيت ۽ علم ۽ عمل جي وچ ۾ موجود عدم مطابقت جون خاصيتون رکن ٿيون. مارڪسزم ـ لينن ازم جو نظريو علم جيڪو سائنسي سماجي عمل جون خاصيتون رکي ٿو، انهن غلط نظرين جي سختي سان مخالفت ڪرڻ کانسواءِ نٿو رهي سگهجي. مارڪسي هي تسليم ڪن ٿا ته ڪائنات جي ارتقا جي متعلق ۽ عمومي تدريجي عمل ۾ هر مخصوص تدريجي عمل جي ارتقا اضافي حيثيت رکي ٿو، ۽ اهو انهيءَ بنا تي قطعي سچائي جي اٽڪ سلسلي ۾ ڪنهن مخصوص تدريجي عمل جي ارتقا جي ڪنهن مخصوص مرحلي ۾ ان تدريجي عمل جي باري ۾ انساني علم فقط اضافي سچائي (Relative truth) جي حيثيت رکي ٿو. بي شمار اضافي سچاين جو مجموعي قطعي سچائي جي تشڪيل ڪري ٿو.*viii* معروضي تدريجي عمل جو ارتقا تضادن ۽ ڪشمڪش سان ڀرپور هوندو آهي ۽ اهو حال انساني علم جي حرڪت جي ارتقا جو آهي. معروضي دنيا جون سيئي جدلياتي حرڪتون دير يا سوير انساني علم ۾ منعڪس ٿي سگهن ٿيون. سماجي عمل ۾، وجود ۾ اچڻ، نشونما پائڻ ۽ هليو وڃڻ جو تدريجي عمل لامحدود آهي، اهڙيءَ طرح انساني علم ۾ به وجود ۾ اچڻ، نشونما پائڻ ۽ معدوم ٿي وڃڻ جو تدريجي عمل لامحدود ئي آهي. جيئن جيئن انسان جو عمل جيڪو معروضي حقيقت کي مخصوص خيالن، نظرين، منصوبن يا پروگرامن جي مطابق تبديلي ڪري ٿو، اڳيان وڌي ٿو، انهي مناسبت سان انسان جو معروضي حقيقت جي متعلق علم به گهري کان گهرو ٿي ويندو آهي. معروضي حقيقت جي دنيا ۾ تغير جي حرڪت جو سلسلو ڪڏهن ختم نه ٿيندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح انسان عمل ذريعي سچائي جي واقفيت حاصل ڪري ٿو انجو سلسلو به لامحدود آهي. مارڪسزم ـ لينن ازم سچائي جي سچي ذخيري جو احاطو نه ڪيو آهي، بلڪ هو عمل دوران سچائي جو

علم حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل راهون کوليندو رهي ٿو. اسان هي نتيجو اخذ ڪيو آهي تہ موضوعي ۽ معروضي جي وچ ۾، نظريي ۽ عمل جي وچ ۾، ڄاڻڻ ۽ ڪرڻ جي وچ ۾ نُوس ۽ تاريخي اتحاد هئڻ گهرجي، ۽ اسان انهن سيني نظرين جي، خواه اها "کاٻي ڌر" جا هجن يا ساڄي ڌر جا خلاف آهيون جيڪي نُوس تاريخ سان انحراف (Depart) ڪن ٿا.

سماج جي ارتقا جي موجوده دور ۾ تاريخ تہ دنيا کي بهتر نموني سمجهڻ ۽ انکي تبديل ڪرڻ جي زميندارِي پورهيت (پرولتاريہ) ۽ ان جي پارٽي تي عائد ڪئي آهي. هي تدريجي عمل يعني دنيا کي تبديل ڪرڻ جو عمل جنهن جو تعين سائنسي علم جي مطابق ٿئي ٿو، دنيا ۾ ۽ چين ۾ هڪ تاريخي لمحي طور اچي پهتو آهي. هي هڪ اهڙو عظيم لمحو آهي جنهن جو انساني تاريخ ۾ مثال نٿو ملي. هي لمحو دنيا ۽ چين مان تاريڪي (Darkness) جو مڪمل خاتمو ڪرڻ ۽ دنيا کي هڪ اهڙي روشن دنيا ۾ تبديل ڪرڻ جو لمحو آهي، جنهن جو پهريان ڪڏهن وجود نہ هيو. پورهيت ۽ انقلابي عوام جو دنيا کي تبديل ڪرڻ جي جدوجهد جو انحصار هيٺ ڏنل فرضن جي تڪميل تي آهي: معروضي دنيا کي تبديل ڪرڻ ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجي موضوعي دنيا ۾ بہ تبديلي پيدا ڪرڻ، پنهنجي ادراڪ جي صلاحيت کي تبديل ڪرڻ ۽ موضوعي دنيا ۽ معروضي دنيا جي وچ ۾ رشتن کي تبديل ڪرڻ. ڌرتي جي هڪ حصي يعني سوويت يونين ۾ تبديلي اڳ ۾ ئي اچي چڪي آهي. اتي جي عوام تبديلي جي هن تدريجي عمل کي اڳيان وڌائي رهيا آهن. چيني عوام بہ تبديلي جي هن تدريجي عمل مان گذري رهيا آهن يا مستقبل ۾ گذرندا. جنهن معروضي دنيا کي تبديل ڪرڻو آهي، ان ۾ اهڙا ماڻهو بہ موجود آهن جيڪي تبديلي جي خلاف آهن، اهڙن ماڻهن کي تبديل ٿيڻ لاءِ جبر جي مرحلي مان گذرڻو پوندو، تڏهن وڃي هو رضاڪارڻي ۽ شعوري تبديلي جي مرحلي ۾ پهچندا. جڏهن سڀ انسانيت رضاڪارڻي ۽ شعوري طرح سان پاڻ کي ۽ دنيا کي تبديل ڪري ڇڏيندي، انهيءَ وقت عالمي ڪميونزم جو دور اچي ويندو.

عمل جي ذريعي سچائي معلوم ڪري ۽ وري عمل جي ذريعي سچائي جي تصديق ڪري ۽ انهيءَ کي ترقي ڏيو. تصوراتي علم کان شروع ڪري ۽ انکي سرگرمي سان عقلي علم تائين پهچايو ۽ پوءِ عقلي علم سان شروع ڪيو ۽ پنهي موضوعي ۽ معروضي دنيا کي تبديل ڪرڻ لاءِ سرگرمي سان انقلابي عمل جي رهنمائي ڪريو. عمل، علم، وري عمل ۽ وري علم. هي چڪر ڪڏهن ختم نہ ٿيندو، ۽ هر چڪر سان گڏ عمل ۽ علم جي سطح بلند ٿيندي رهندي آهي. اهو جدلياتي ماديت جو مڪمل نظريو علم آهي، ۽ هي جدلياتي ماديت کي ڄاڻڻ ۽ ڪرڻ جي وحدت جو نظريو آهي.

## لفظن جي معنيٰ

موضوعي:سبجيڪٽِو (***Subjective***)، ذهن جو پابند،

معروضي:آبجيڪٽِو (***Objective***)، ذهن، سو چ، خيال کان آزاد: حقيقي،

ماديت: مٽيريلزم (***Materialism***)، ماديت پسند نظريو،

ماديت پسند: مٽيريلزم (***Materialist***)، جيڪو سمجهي ٿو مادو اول آهي ۽ ان جي ڪري شعور پيدا ٿيو آهي.

تجريدي: ايبسٽرئڪٽ (***Abstract***)، مجرد،

بدلجڻ: ٽرانسفارميشن (***Transformation***)، تبديل ٿيڻ،

ادراڪ: ڪاگنيشن (***Cognition***)، مڪمل طر ح سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ،

خيال پرست: آئيڊيلسٽ (***Idealist***)، جيڪو اهو سمجهي ٿو انسان جي ذهني تخليق (ديوتا، وغيره) مادو پيدا ڪيو آهي.

عمل: پراسيس (***Process***) يا پريڪٽس (***Practice***).

ڦرلٽ: ايڪسپلائٽيشن (***Exploitation***)، استحصال.

هيڪڙائي: يونٽي (***Unity***)، ٻڌي، ميلاپ.

ارتقا:اوولیوشن (***Evolution***)، هوري هوري تبديلي.

جدليات: ڊايليڪٽڪس (***Dialectics***)، تضادن جو علم، قدرت ڪي هميشه واڌاري، ترقي جي صورت ۾ ڏسندڙ طريقو.

جوهر : ايسينس (***Essence***)، تت، ست.

حواسي ادراڪ: سينسئل ڪاگنيشن (***Sensual Cognition***).

نالائقي: انڪنسسٽنسي (***Inconsistency***)، اڻپورائي، نامڪمل.

لقاءُ : فنامينن (***Phenomenon***)، واقعو، عمل، نظارو، واقعن ۽ عملن جو ڪنهن خاص صورت ۾ ظاهر ٿيڻ.

سڀ طرفائي: يونيورسلٽي (***Universality***)، ڪائنات پٽو، همه گيري.

تصور: پرسيپشن (***Perception***)، خيال.

---

[i] وي-آئي-لينن، "هيگل جي علم منطق جو خاڪو".

[ii] ڏسو ڪارل مارڪس ۽ اينجلس، "فيورباخ جي متعلق" ۽ وي-آئي-لينن، "ماديت ۽ تجربي تنقيد"، باب ٻيو.

[iii] لو ڪيوآن چنگ جو ناول سان ڪو يئن اي.

[iv] وي-آئي-لينن، "هيگل جي علم جو خاڪو"

[v] وي-آئي-لينن، "ڇا ڪرڻ گهرجي؟"، باب پهريون، حصو چار.

[vi] وي-آئي-لينن، "ماديت ۽ تجربيت تنقيد"، باب ٻيون، حصو ڇهون.

[vii] جي-وي-اسٽالن، "لينن ازم جون بنيادون"، حصو سوم

[viii] ائي-وي-لينن، "ماديت ۽ تجربي تنقيد"، باب ٻيون، حصون پنجون.

هن ترجمي جو اصلي مواد هن لنڪ تي موجود آهي:

(marxists.org/reference/archive/mao/selected-works/volume-1/mswv1_16.htm)

پڙهندڙن کي گذارش ٿي ڪجي ته (marxists.org/sindhi/index.htm) سنڌي سيڪشن توهان جو شڪرگزار هوندو جيڪڏهن توهان هن مضمون جي سنڌي ترجمي تي پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪندا. پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ يا ترجمي تي تبصرو ڪرڻ لاءِ هن ايميل جي ذريعي آگاهه ڪندا: tariqsindh93@yahoo.com